هفتيوار رسالو

# اربعينِ عطّار

(قسط:2) (سنڌي)

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي قلم مبارڪ سان
لکيل درود پاڪ جي فضائل تي مشتمل احاديثِ ڪريم







شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَکَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَکَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: **اربعينِ عطّار**

مرتّب: ابو محمد طاهر عطاري مدني

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي



**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اَربعينِ عطار

امير اهل سنت جي قلم شريف سان لکيل 40 مبارڪ حديثون

## پيشڪش

المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

## پھريان ھن کي پڙھو

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المصطفٰي! جيڪو بہ رسالو ”اَربعين عطار (قسط 2)“ مڪمل پڙھي يا ٻڌي وٺي، ان کي ھلندي ڦرندي، اٿندي ويھندي ھر وقت درود ۽ سلام پڙھڻ جي توفيق عطا فرما ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنھن دروازي مان چاھيو جنت ۾ داخل ٿي وڃو

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: منھنجي اُمّت جي لاءِ جنھن 40 حديثون ياد ڪيون جن جي ذريعي الله پاڪ ان کي نفعو عطا فرمائي تہ ان کي چيو ويندو: **”جنت جي جنھن دروازي مان چاھيو داخل ٿي وڃو.“**

(العلل المتناہیہ لابن جوزی، 119/1، حدیث: 162)

ھڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آھي تہ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ماڻھو منھنجي امت تائين پھچائڻ لاءِ دين جي متعلق "چاليھہ حديثون" ياد ڪندو تہ الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينھن عالمِ دين جي حيثيت سان اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينھن مان ان جي شفاعت ڪندس ۽ ان جي حق ۾ گواھ ٿيندس. (مشكاة المصابيح، 68/1، حديث: 258)

## چاليھہ حديثون ئي ڇو؟

حضرت شيخ عبد الحق محدث دھلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ھن ارشاد جو مطلب آھي ماڻھن تائين چاليھہ حديثون پھچائڻ، چاھي اھي ياد نہ ھجن ۽ نہ ئي انھن جي معنيٰ ان کي معلوم ھجي. انھيءَ حديث پاڪ جي ڪري ڪيترن ئي اڳوڻن وڏن وڏن عالم سڳورن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جا اميدوار بڻجڻ ۽ ماڻھن کي ٻڌائڻ لاءِ "اربعينات" (يعني چاليھہ حديثون) تحرير ڪيون. شيخ عبدالحق محدث دھلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنھنجي باري ۾ عاجزي ۽ انڪساري سان لکن ٿا: فقير حقير بہ "چھل (يعني چاليھہ) حديثن" جو ھڪ مجموعو تاليف ڪيو آھي.

علمِ حديث جي خدمت ۽ تدريس کانپوءِ سڀ کان پهريان مونکي جنهن تاليف جي توفيق عطا ٿي، اهي "اربعين" (يعني چاليهه حديثون) آهن. (اشعة اللمعات (اردو) ،517/1ملخصاً)

## دُرود ۽ سلام بابت اربعينِ عطار (قسط:2) لکڻ جو سبب

اي عاشقانِ رسول: چاليهه حديثون پهچائڻ جي فضيلت حاصل ڪرڻ لاءِ صدين کان علماءِ ڪرام (کَثَّرَهُمُ الله) يعني الله پاڪ انهن جي تعداد کي خوب وڌائي) چاليهه حديثون لکندا آيا آهن. اميرِ اهلِ سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي قلم سان لکيل چاليهه حديثون نالي "اربعينِ عطّار (قسط: 1)" گذريل سال ربيع الاول شريف 1445 هجري مطابق سيپٽمبر 2023 جي خوشين ڀري لمحن ۾ منظرِ عام تي آئي.

الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان ان کي ڪافي مقبوليت ۽ عاشقانِ رسول جي طرفان پذيرائي ملي، ڏسندي ئي ڏسندي 30 هزار جي تعداد ۾ ڇپيل اهو ڪتاب مڪتبة المدينه تي ختم ٿي ويو. لکين عاشقانِ رسول ان جي PDF مان فائدو ورتو ۽ مطالعو ڪيو. تقريباً 50 هزار کان وڌيڪ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن اهي چاليهه حديثون زباني ياد ڪري ڇڏيون جن تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندڙ هڪ مدني مذاڪري ۾ فرمايو ته "منهنجي زندگي جو هي پهريون اهڙو رسالو آهي جنهن کي ايئن عاشقانِ رسول زباني ياد ڪيو آهي." اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ايندڙ سال ربيع الاول شريف 1446 هجري ۾ دُرود ۽ سلام بابت اربعينِ عطّار (قسط: 2) آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

## اربعينِ عطار (قسط:2) ڪيئن لکيو ويو؟

الله پاڪ جي پياري پياري سيني کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود وسلام پڙهڻ اسان جي دل جي خوشي ۽ اکين جو نور آهي، دُرود و سلام جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن. الحمدلله! ثُمّ الحمدلله! اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي گذريل سال جي نيت ۽ هدف مڪمل ٿيو. اربعينِ عطّار (قسط: 2) توهان جي هٿن ۾ آهي، هونئن ته دُرود وسلام جي فضيلتن تي مشتمل اميرِ اهلِ سنت جو هڪ رسالو نالي "ضياءِ دُرودوسلام" ڪيئي سال پهريان مڪتبةالمدينه تان ڇپجي چڪو آهي پر اَربعينِ عطّار (قسط: 2) ۾ موجود مبارڪ حديثون ان کان علاوه


آهن. اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ گذريل سال ربيع الاول شريف کان ئي هن ڪم کي جلد ڪرڻ جو ارادو فرمايو هو، پوءِ جڏهن جڏهن موقعو مليو سندن پنهنجي قلم سان وقت بوقت مبارڪ حديثون لکي عنايت ڪندا رهيا، جن کي مخطوط (Original Handwriting) ۽ ڪمپوزنگ ۾ گڏ ڪري دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي شعبي" هفتہ وار رسالي جو مطالعو" طرفان اربعينِ عطّار (قسط: 2) جي صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. هن رسالي جي هڪ خوبصورتي اها بہ آهي تہ هر صفحي تي موجود حديث پاڪ جي هيٺان ڏنل QR ڪوڊ کي اسڪين ڪرڻ سان توهان اها حديث پاڪ ويڊيو جي صورت ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي زباني ڏسي ۽ ٻڌي سگهو ٿا. مبلغين ۽ مبلّغات دُرود وسلام بابت هن اربعينِ عطّار (قسط: 2) کي زباني ياد ڪندا تہ پنهنجي بيانن وغيره ۾ ترغيب ڏيڻ ۽ دُرود وسلام سان پنهنجي زبانن کي تَر رکڻ ۾ مدد ملندي.

الله پاڪ اميرِ اهلِ سنت کي درازيءِ عمر بالخير والعافية عطا فرمائي ۽ سندن شفقتن ڀريو سايو(ڇانوَ) اسان جي مٿن تي خير ۽ عافيت سان سلامت باڪرامت رکي. الله ڪريم! پنهنجي فضل و ڪرم سان هن ڪتاب کي اسان جي پيرومرشد اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ، سندن والدين ۽ جنهن جنهن هن ڪتاب تي ڪم ڪيو انهن سيني لاءِ بي حساب بخشش ۽ شفاعتِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذريعو بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شعبو هفتہ وار رسالي جو مطالعو


اربعينِ عطّار(قسط 2) مڪمل ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي لاءِ هن QR CODE کي اسڪين ڪيو.




## يارهن هزار درود جو ثواب

حضرتِ امام حافظ جلالُ الدّين السُّيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هن درود پاڪ جو هڪ ڀيرو پڙهڻ يارهن هزار ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي برابر آهي.

(اَفْضَلُ الصَّلَوَاتِ عَلٰی سَيِّدِالسّاوات، ص 153)




## مسجد ۾ ايندي ويندي بارگاهِ رسالت ۾ سلام

اِذَا دَخَلَ اَحَدُکُمُ الْمَسْجِدَ فَلْیُسَلِّمْ عَلَی النَّبِیِّ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّمَ، وَلْیَقُلْ: اَللّٰھُمَّ افْتَحْ لِیْ اَبْوَابَ رَحْمَتِکَ وَاِذَا خَرَجَ فَلْیُسَلِّمْ عَلَی النَّبِیِّ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّمَ، وَلْیَقُلْ: اَللّٰھُمَّ بَاعِدْنِیْ مِنَ الشَّیْطَانِ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"جڏهن اوهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي ته نبي** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي سلام پيش ڪري ۽ عرض ڪري: اي الله پاڪ! مون لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ. ۽ جڏهن مسجد مان ٻاهر نڪري، تڏهن به نبي** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي سلام موڪلي ۽ هيئن عرض ڪري: اي الله پاڪ! مون کي شيطان کان دور فرماءِ."** (سنن كبرىٰ للنسائی،6/ 27،حديث: 9918)




## مون تي درود پاڪ موڪليو

صَلُّوا عَلَیَّ وَاجْتَہِدُوْا فِی الدُّعَاءِ وَقُوْلُوْا: اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود پاڪ موڪليو ۽ دُعا ۾ خوب ڪوشش ڪيو ۽ چئو:** اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ.

**(نسائی، ص 221، حديث:1289)**





## خيرات نہ ڪري سگھڻ واري جو درود شريف

اَيُّمَا رَجُلٍ مُّسْلِمٍ لَمْ يَكُنْ عِنْدَهُ صَدَقَةٌ فَلْيَقُلْ فِي دُعَائِهِ: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ فَإِنَّهَا زَكَاةٌ وَقَالَ: لَا يَشْبَعُ الْمُؤْمِنُ خَيْرًا حَتّٰى يَكُوْنَ مُنْتَهَاهُ الْجَنَّةُ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مُسلمان وٽ صدقو ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ نہ هجي اُن کي گھرجي تہ پنهنجي دُعا ۾ هي چوندو ڪري:** اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنَاتِ وَ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ. **تہ هي زڪوات آهي ۽ مومن ڪڏهن ڀلائي کان سير ناهي ٿيندو ايستائين جو جنت ان جو نڪاڻو ٿيندي آهي.** (صحيح ابن حبان، 2/130،حديث:900)

**حديث جي شرح: جيڪو شخص صدقو ڪرڻ تي قدرت نٿو رکي اُن جو رسولِ پاڪ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي لاءِ اللّٰہ پاڪ کان رَحمت جي دُعا ڪرڻ يعني درود پاڪ موڪلڻ اُن جي لاءِ صدقو آهي.**
(السراج المنيربشرح جامع الصغير،2/ 232ماخوذاً)




## زمين تي گهمڻ وارا ملائڪ

اِنَّ لِلّٰہِ مَلَائِکَۃً سَیَّاحِیْنَ فِی الْاَرْضِ یُبَلِّغُوْنِیْ عَنْ اُمَّتِیْ السَّلَامَ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”زمين تي ڪجھ ملائڪ گهمندا وتندا آهن جيڪي منهنجي اُمَّت جو سلام مون تائين پهچائيندا آهن.“ (الاحسان بترتيب ابن حبان ،134/2،حديث:910)




## دعا ۾ درود شريف

اِجۡعَلُوۡنِیۡ فِیۡ وَسۡطِ الدُّعَاءِ وَفِیۡ اَوَّلِہٖ وَفِیۡ اٰخِرِہٖ

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّم: ”مون کي دُعا جي وچ ۾، شروع ۽ آخر ۾ رکو. (مصنف عبد الرزاق،141/2 ،حديث: 850 )

(يعني توهان مون تي دعا جي شروع ۾ وچ ۾ ۽ آخر ۾ درود موڪليو)




## وضو کان پوءِ دُرُود پاڪ پڙهو!

لَا وُضُوءَ لِمَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"اُن شخص جو وضو ناهي جيڪو نبي (**صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم**) تي درود پاڪ نه پڙهي."**

(معجم ڪبير، 121/6، حديث:5698)

**حديث جي شرح: علامه عبدُالرؤوف مُناوي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه **لکن ٿا: اُن شخص جو وضو مڪمل فضيلت وارو ناهي جيڪو وضو کان پوءِ نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي درود پاڪ نه پڙهي.** (التيسير بشرح جامع الصغير، 503/2)




## دُرود پاڪ ۽ پُل صراط

اِنِّیْ رَاَیْتُ الْبَارِحَۃَ عَجَبًا وَرَاَیْتُ رَجُلًا مِّنْ اُمَّتِیْ یَزْحَفُ عَلَی الصِّرَاطِ مَرَّۃً وَیَجْثُوْ مَرَّۃً فَجَاءَتْہُ صَلَاتُہٗ عَلَیَّ فَاَخَذَتْ بِیَدِہٖ فَاَقَامَتْہُ عَلَی الصِّرَاطِ حَتّٰی جَاوَزَ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : **"مون گذريل رات هڪ عجيب واقعو ڏٺو: منهنجو هڪ اُمتي پُل صراط تي ڪڏهن گِهلجندي ته ڪڏهن گوڏن ڀر هلي رهيو هو، اوچتو اهو دُرود اچي ويو جيڪو ان مون تي موڪليو هو، ان دُرود ڪيس پُل صراط تي بيهاري ڇڏيو ايستائين جو هن پُل صراط پار ڪري ورتو".**

**حديث جي شرح: دُرودِ پاڪ ڪيس پُل صراط پار ڪرائي جنت ۾ وٺي ويو.** (التيسيربشرح جامع الصغير،370/1)




## دُعا جي قبوليت جي وڏيڪ لائق

اِذَا اَرَادَ اَحَدُکُمْ اَنْ یَّسْاَلَ، فَلْیَبْدَاْ بِالْمِدْحَةِ، وَالثَّنَاءِ عَلَی اللّٰهِ بِمَا هُوَ اَهْلُهٗ ثُمَّ لِیُصَلِّ عَلَی النَّبِیِّ

صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَسَلَّمَ، ثُمَّ لِیَسْاَلْ بَعْدُ فَاِنَّهٗ اَجْدَرُ اَنْ یَّنْجَحَ

(معجم ڪبير، 9/155،حديث 8780)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن اوهان مان ڪو دعا ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ ان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي شان جي لائق سندس تعريف ڪري پوءِ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلي پوءِ ان کان بعد دعا ڪري چو تہ اها دعا قبول ٿيڻ جي وڌيڪ لائق آهي".

(معجم ڪبير، 9/155،حديث 8780)




## دُعاءِ مصطفيٰ ۽ 10 نيڪيون

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ بَلَغَتْنِیْ صَلَاتُہٗ، وَصَلَّیْتُ عَلَیْہِ، وَکُتِبَتْ لَہٗ سِوٰی ذٰلِکَ عَشْرُ حَسَنَاتٍ


فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "جنهن شخص مون تي دُرودِ پاڪ پڙهيو، ان جو دُرودِ پاڪ مون تائين پهچندو ۽ مان ان تي دُرود موڪليندس (يعني ان لاءِ رحمت جي دعا ڪندس) ۽ ان ڪان علاوه ان لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون." (معجم اوسط،1/446،حديث: 1642)




## هي درود شريف ٻانهي جي قبر ۾ کڻي وڃو

مَامِنْ عَبْدٍ يُصَلِّيْ عَلَيَّ صَلَاةً اِلَّا عَرَجَ بِهَا مَلَكٌ حَتّٰى يَجِيْءَ بِهَا وَجْهَ الرَّحْمٰنِ عَزَّوَجَلَّ فَيَقُوْلُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ: اِذْهَبُوْا بِهَا اِلٰى قَبْرِ عَبْدِيْ تَسْتَغْفِرُ لِقَائِلِهَا وَتَقَرُّ بِهَا عَيْنُهٗ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : "جڏهن ڪو ٻانهو مون تي دُرود شريف پڙهندو آهي ته ملائڪ ان دُرود شريف کي کڻي مٿي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پهچائيندو آهي ته الله پاڪ فرمائيندو آهي: هن دُرود کي منهنجي ٻانهي جي قبر ۾ کڻي وڃو، هي دُرود پنهنجي پڙهڻ واري لاءِ استغفار ڪندو رهندو ۽ ان (خاص ٻانهي) جون اکيون ان کي ڏسي ٺڏيون ٿينديون رهنديون". (الفردوس بماثور الخطاب، 4/10، حديث: 6026)




## شفاعت واجب ٿي وئي

مَنْ صَلَّى عَلَيَّ اَوْ سَأَلَ لِيَ الْوَسِيْلَةَ حَقَّتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن مون تي هڪ دفعو درود شريف پڙهيو يا الله پاڪ جي بارگاهه ۾ منهنجي لاءِ وسيلي جي دعا ڪئي، قيامت جي ڏينهن ان تي منهنجي شفاعت ثابت ٿي وئي".


(فضل الصلوٰة على النبى للقاضى اسماعيل بن اسحاق الازدى ،ص 147،حديث:50)




## حوض ڪوثر تي پهچان

لَیَرِدَنَّ الْحَوْضَ عَلَیَّ اَقْوَامٌ مَا اَعْرِفُھُمْ اِلَّا بِکَثْرَۃِ الصَّلَاۃِ عَلَیَّ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"حوضِ ڪوثر تي مون کي اهڙيون قومون ملنديون جن کي مان ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي سبب سان ئي سڃاڻيندس".** (القول البديع، ص 264)




## هڪ غلام کي آزاد ڪيو

مَنْ سَلَّمَ عَلَيَّ عَشْرًا فَكَاَنَّمَا اَعْتَقَ رَقَبَةً


فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جنهن مون تي ڏهه (10) ڀيرا سلام موڪليو، ان ڄڻ هڪ گردن (يعني غلام) آزاد ڪيو. (الشفا، 76/2)




## دُعا ردّ ناهي ڪئي ويندي

اَلدُّعَاءُ بَيْنَ الصَّلَاتَيْنِ لَا يُرَدُّ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "ٻن (2) دُرودن جي وچ ۾ گهُري ويندڙ دعا رد ناهي ڪئي ويندي". (الشفا ،66/2)




## باهہ ۾ داخل ناهي ٿيندو

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ لَمْ یَلِجِ النَّارَ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود شريف موڪليندو اهو باهہ ۾ داخل نہ ٿيندو. (بستان الواعظين لابن جوزی،418)




## دل روشن ٿئي

مَنْ اَکْثَرَ الصَّلَاۃَ عَلَیَّ نَوَّرَ اللّٰہُ قَلْبَہٗ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو مون تي تمام گهڻو دُرود شريف پڙهندو الله پاڪ ان جي دل روشن فرمائي ڇڏيندو".

(بستان الواعظين لابن جوزی،ص 405)




## جهنَم کان 500 سال دُور

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ مِائَةَ مَرَّةٍ تَزَحْزَحَتِ النَّارُ عَنْهُ مَسِيْرَةَ خَمْسِمِائَةِ عَامٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو مون تي هڪ سو (100) ڀيرا دُرودِ شريف پڙهي اهو جهنم کان 500 سال جي فاصلي جي برابر پري ڪيو ويندو". (بستان الواعظين لابن جوزی ،ص411)




## مُصيبتون پري ٿيڻ جو عمل

مَنْ عَسُرَ عَلَیْہِ شَیْءٌ فَلْیُکْثِرْ مِنَ الصَّلَاۃِ عَلَیَّ فَاِنَّھَا تَحُلُّ الْعُقَدَ وَتَکْشِفُ الْکُرَبَ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن کي کا مشکل پيش اچي ته مون تي کثرت سان درود شريف پڙهي، ڇو ته مون تي درود شريف پڙهڻ مصيبتن کي ٽارڻ وارو آهي.“ (بستان الواعظين لابن جوزی ،ص411)




## حَرم جون 10 نيڪيون

مَنْ صَلَّى عَلَيَّ مِنْ أُمَّتِي كُتِبَتْ لَهُ عَشْرُ حَسَنَاتٍ مِّنْ حَسَنَاتِ الْحَرَمِ قِيلَ يَا رَسُولَ اللهِ وَ مَا حَسَنَاتُ الْحَرَمِ؟ قَالَ: اَلْحَسَنَةُ بِسَبْعِ مِائَةِ حَسَنَةٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "منهنجو جيڪو اُمتي مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي، ان جي لاءِ حرم جي نيڪين مان ڏهه (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن." عرض ڪئي وئي: يارسولَ الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) حرم جون نيڪيون ڇا آهن؟ فرمايائون: "حرم جي هڪ نيڪي ست سو (700) نيڪين جي برابر آهي".

(بستان الواعظين لابن جوزی،ص397)




## سيني کي چڱي انداز ۾ جواب ڏنو ويندو آهي

مَا مِنْ مُسْلِمٍ يُسَلِّمُ عَلَيَّ فِي شَرْقٍ وَلَا غَرْبٍ إِلَّا اللهُ وَمَلَائِكَتُهُ يَرُدُّ عَلَيْهِ بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "اوڀر ۽ اولهه ۾ جيڪو مسلمان مون تي سلام موڪلي، الله پاڪ ۽ سندس ملائڪ ان کي ان کان بهتر انداز ۾ جواب عطا فرمائيندا آهن.

(لسان الميزان لابن حجر عسقلانی،341/5)




## هزار ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهڻ جي فضيلت

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ اَلْفًا زَاحَمَتْ کَتِفُهٗ کَتِفِیْ عَلٰی بَابِ الْجَنَّةِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو مون تي هزار ڀيرا دُرودِ پاڪ موڪليندو آهي جنت جي دروازي تي اهو منهنجي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺل هوندو." (القول البديع، ص 242)




## ملائڪ قيامت تائين درود موڪليندو آهي

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ صَلَاۃً تَعْظِیْمًا لِحَقِّیْ جَعَلَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ مِنْ تِلْكَ الْكَلِمَةِ مَلَكًا جَنَاحٌ لَهُ فِی الْمَشْرِقِ وَ جَنَاحٌ لَهُ فِی الْمَغْرِبِ، وَرِجْلَاهُ فِیْ تُخُوْمِ الْاَرْضِ، وَعُنُقُهُ مَلْوِیٌّ تَحْتَ الْعَرْشِ فَیَقُوْلُ اللهُ عَزَّوَجَلَّ لَهُ: صَلِّ عَلٰی عَبْدِیْ كَمَا صَلّٰی عَلٰی نَبِیِّیْ فَهُوَ یُصَلِّیْ عَلَیْهِ اِلٰی یَوْمِ الْقِیَامَةِ.

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو منهنجي حق جي تعظيم ڪندي مون تي دُرود موڪليندو آهي، الله پاڪ ان مان هڪ ملائڪ پيدا ڪندو آهي جنهن جو هڪ بازو اُوڀر ۾، ٻيو اولهه ۾، ٻئي پير ستين زمين ۾ ۽ ڳچي عرش جي هيٺان هوندي آهي، الله پاڪ ان کي فرمائيندو آهي: تون منهنجي ٻانهي تي اهڙي طرح دُرود موڪل جيئن هن منهنجي نبي تي موڪليو. پوءِ اهو ملائڪ قيامت تائين ان ٻانهي تي دُرود موڪليندو رهندو." (الترغيب لابن شاهين، ص 14)





## ثواب ختم نہ ٿيندو

مَنْ كَتَبَ عَنِّيْ عِلْمًا فَكَتَبَ مَعَهُ صَلَاةً عَلَيَّ، لَمْ يَزَلْ فِيْ أَجْرٍ مَّا قُرِئَ ذٰلِكَ الْكِتَابُ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"جنهن منهنجي طرفان ڪا حديث لکي ۽ ان سان گڏ مون تي دُرودِ پاڪ بہ لکيو تہ جيستائين اها حديث شريف پڙهي ويندي، دُرود شريف لکڻ واري کي ثواب ملندو رهندو".**

(القول البديع،ص461)





## وسريل ڳالھ ياد اچي وڃي

اِذَا نَسِیْتُمْ شَیْئًا فَصَلُّوْا عَلَیَّ تَذْکُرُوْہُ اِنْ شَآءَ اللّٰہُ تَعَالٰی

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”جڏهن توهان ڪا شيءِ وساري ڇڏيو، تہ مون تي دُرودِ پاڪ پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! اها ڳالھ ياد اچي ويندي“.


(القول البديع،ص 427)




## هر برڪت ڪان محروم ۽ خالي

كُلُّ كَلَامٍ لَا يُذْكَرُ اللهُ تَعَالٰى فِيْهِ فَيُبْدَأُ بِهٖ وَبِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَهُوَ مَمْحُوقٌ مِّنْ كُلِّ بَرَكَةٍ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "هر اها ڳالھ جيڪا الله پاڪ جي ذڪر ۽ مون تي دُرود موڪلي بغير شروع ڪئي وئي اها هر برڪت ڪان محروم ۽ خالي آهي." (القول البديع ص 454)




## غربت پري ٿي

كَثْرَةُ الذِّكْرِ وَالصَّلَاةُ عَلَيَّ تَنْفِي الْفَقْرَ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جو گهڻو ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي دُرود شريف پڙهڻ غُربت دور ڪندو آهي. (القول البد يع ،ص273)





## دعا جي حفاظت جو ذريعو

صَلَاتُكُمْ عَلَيَّ مُحْرِزَةٌ لِّدُعَائِكُمْ وَمَرْضَاةٌ لِّرَبِّكُمْ وَزَكَاةٌ لِّاَعْمَالِكُمْ

(القول البديع،ص270)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي دعائن جي حفاظت ڪرڻ وارو ۽ توهان جي رب پاڪ جي رضا جو سبب ۽ توهان جي اعمال جي پاڪيزگي جو سبب آهي“.

(القول البديع،ص270)




## تمام وڏو ملائڪ

اِنَّ لِلّٰہِ مَلَکًا لَهٗ جَنَاحَانِ اَحَدُھُمَا بِالْمَشْرِقِ وَالآخَرُ بِالْمَغْرِبِ فَاِذَا صَلَّى الْعَبْدُ عَلَیَّ حُبًّا اِنْغَمَسَ فِی الْمَاءِ ثُمَّ یَنْتَفِضُ فَیَخْلُقُ اللّٰهُ مِنْ كُلِّ قَطْرَةٍ مِّنْهُ مَلَكًا یَسْتَغْفِرُ لِذٰلِكَ الْمُصَلِّیْ عَلَیَّ إِلٰى یَوْمِ الْقِیَامَةِ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّم: **الله پاڪ جو هڪ ملائڪ آهي جنهن جو هڪ بازو اوڀر ۾ آهي ۽ ٻيو بازو اولهه ۾ آهي. جڏهن ڪو شخص محبت سان مون تي درود موڪليندو آهي ته اهو ملائڪ پاڻي ۾ غوطو هڻي پنهنجي پرن کي ڇنڊيندو آهي. الله پاڪ ان جي پرن مان ٽمندڙ هر هڪ قطري مان هڪ نئون ملائڪ پيدا ڪندو آهي ۽ اهي ملائڪ قيامت تائين ان درود پڙهڻ واري لاءِ استغفار (يعني مغفرت جي دعا) ڪندا آهن.** (القول البديع، ص 251)


۲۹

الله

عجیب و غریب پرندہ

مَنْ عَطَسَ فَقَالَ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَّا کَانَ مِنْ حَالٍ وَّصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اَھْلِ بَیْتِہٖ اَخْرَجَ اللّٰہُ مِنْ مَّنْخِرِہِ الْاَیْسَرِ طَائِرًا یَقُوْلُ اللّٰھُمَّ اغْفِرْ لِقَائِلِھَا

فرمانِ آخری نبی صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم: جس نے چھینک آنے پر یہ کہا:

”اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَّا کَانَ مِنْ حَالٍ وَّصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اَھْلِ بَیْتِہٖ“ تو اللہ پاک اُس کے بائیں نتھنے (ناک کے اُلٹے سُوراخ) سے ایک پرندہ نکالتا ہے جو کہتا ہے اے اللہ پاک! اِس کہنے والے کی مغفرت فرما۔ (القول البدیع، ص424)

فرمانِ آخری نبی صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: جس نے چھینک آنے پر یہ کہا: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَّا کَانَ مِنْ حَالٍ وَّصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اَھْلِ بَیْتِہٖ۔ تو اللہ پاک اُس کے بائیں نتھنے (یعنی ناک کے اُلٹے سُوراخ) سے ایک پرندہ نکالتا ہے جو کہتا ہے: ”اے اللہ پاک! اِس کہنے والے کی مغفرت فرما۔“

صلوا علی الحبیب
صلی اللہ علی محمد

29

# عجيب و غريب پکي

مَنْ عَطَسَ فَقَالَ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَّا کَانَ مِنْ حَالٍ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَعَلٰی اَھْلِ بَیْتِہٖ

اَخْرَجَ اللّٰہُ مِنْ مَّنْخِرِہِ الْاَیْسَرِ طَائِرًا یَقُوْلُ اللّٰھُمَّ اغْفِرْ لِقَائِلِھَا

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن نچ اچڻ تي هي چيو: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَّا کَانَ مِن حَالٍ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلَی اَھْلِ بَیْتِہٖ“ تہ الله پاڪ ان جي نڪ جي کابي سوراخ مان هڪ پکي ڪڍندو آهي جيڪو چوندو آهي، اي الله پاڪ! ان چوڻ واري جي مغفرت فرماءِ. (القول البديع، ص424)




## رحمت جا دروازا کُلي ويندا

اِذَا فَرَغَ اَحَدُكُمۡ مِنۡ طُهُوۡرِهٖ فَلۡيَقُلۡ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ ثُمَّ لِيُصَلِّ عَلَيَّ

فَاِذَا قَالَ ذٰلِكَ فُتِحَتۡ لَهٗ اَبۡوَابُ الرَّحۡمَةِ


فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جڏهن اوهان مان ڪو وضو مڪمل ڪري وٺي تہ: ’’اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ‘‘ پڙهي پوءِ مون تي درود شريف پڙهي جڏهن اهو هي پڙهندو تہ ان لاءِ رحمت جا دروازا کوليا ويندا". (القول البديع،ص342)




## درود پاڪ لکڻ جي فضيلت

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ فِیْ کِتَابٍ کَتَبَ اللہُ لَہٗ عَلٰی مَرِّ الْاَیَّامِ فَضْلَ الصَّلَاۃِ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"جنهن ۾ ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو، الله پاڪ ان لاءِ گذريل ڏينهن جي بدلي درود شريف جو ثواب لکندو".** (المجالس الوعظيه للسفيرى، 79/1)




## اعلٰي درجا ماڻڻ جو ذريعو

اِنَّ اللّٰہَ تَعَالٰی جَعَلَ لِاُمَّتِیْ فِی الصَّلَاۃِ عَلَیَّ اَفْضَلَ الدَّرَجَاتِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”بيشڪ الله پاڪ منهنجي اُمَّت جي لاءِ مون تي درود پاڪ پڙهڻ جي بدلي اعلٰي درجا رکيا آهن.“ (کشف الغمة ، 326/1)




## منافقت کان پاڪ دل

مَنْ صَلَّى عَلٰى مُحَمَّدٍ طَهُرَ قَلْبُهُ مِنَ النِّفَاقِ كَمَا يُطَهِّرُ الثَّوْبُ الْمَاءُ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"محمد** (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **تي جيڪو درود شريف پڙهي ان جي دل نفاق کان ائين پاڪ ٿي ويندي جيئن ڪپڙو پاڻي سان پاڪ ٿي ويندو آهي".** (ڪشف الغمہ، 327/1 ـ القول البديع،ص277)




## ماڻهن جي دلين ۾ مَحبّت پيدا ٿيندي

مَنْ قَالَ: ''صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ'' فَقَدْ فَتَحَ عَلٰى نَفْسِهٖ سَبْعِيْنَ بَابًا مِّنَ الرَّحْمَةِ وَ اَلْقَى مَحَبَّتَهٗ فِىْ قُلُوْبِ النَّاسِ فَلَا يُبْغِضُهٗ اِلَّا مَنْ فِىْ قَلْبِهٖ نِفَاقٌ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو بہ چئي "صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ"، ان پنهنجي لاءِ 70 رحمت جا دروازا کولي ڇڏيا، الله پاڪ ان جي محبت ماڻهن جي دلين ۾ وجهي ڇڏيندو جو ڪو بہ ان سان بغض نہ رکندو سواءِ ان جي جنهن جي دل ۾ نفاق هوندو.** (ڪشف الغمہ، 327/1)




## اَسّي سال جي عبادت

مَنْ صَلّٰی صَلَاۃَ الْعَصْرِ مِنْ یَّوْمِ الْجُمُعَۃِ فَقَالَ قَبْلَ اَنْ یَّقُوْمَ مِنْ مَّقَامِہٖ: ''اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَسَلِّمْ تَسْلِیْمًا'' ثَمَانِیْنَ مَرَّۃً غُفِرَتْ لَہٗ ذُنُوْبُ ثَمَانِیْنَ عَامًا وَکُتِبَتْ لَہٗ عِبَادَۃُ ثَمَانِیْنَ سَنَۃً

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **"جنهن بہ جمعي جي ڏينهن نمازِ عصر ادا ڪئي پوءِ پنهنجي جڳهہ تان اٿڻ کان اڳ 80 ڀيرا هي درود شريف پڙهيو:** "اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَسَلِّمْ تَسْلِیْمًا" **تہ ان جا 80 سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ ان لاءِ 80 سالن جي عبادت لکي ويندي آهي."** (اَفْضَلُ الصَّلَوَاتِ لِلنّبہانی، ص25)




## جهنم جي باھ کان آزادي

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ كُلِّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ قَضَى اللّٰهُ لَهٗ مِائَةَ حَاجَةٍ اَيْسَرُهَا عِتْقُهٗ مِنَ النَّارِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو شخص روزانو مون تي 100 ڀيرا درود شريف پڙهندو، الله پاڪ ان جون 100 ضرورتون پوريون ڪندو، جن مان سيني کان آسان ان جي جهنم جي باھ کان آزادي آهي". (اَفۡضَلُ الصَّلَوَات لِلنّبہانی،ص21)




## جنّت ۾ جڳهه ڏسي وٺندو

مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ فِیْ یَوْمِ الْجُمُعَةِ اَلْفَ مَرَّةٍ، لَمْ یَمُتْ حَتّٰی یَرٰی مَقْعَدَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: "مون تي جيڪو جمعي جي ڏينهن هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو اهو اُن وقت تائين نه مرندو جيستائين جنّت ۾ پنهنجي جڳهه نه ڏسي وٺي." (اَفْضَلُ الصَّلَوَات لِلنَّبْهانی ، ص 25 )




## سيني کان وڌيڪ حورون ڪنهن جي لاءِ؟

اَکْثَرُکُمْ اَزْوَاجًا فِی الْجَنَّۃِ اَکْثَرُکُمْ صَلَاۃً عَلَیَّ


فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جنت ۾ سيني کان وڌيڪ حُورون اُن شخص کي ملنديون جيڪو مون تي سيني کان وڌيڪ درود پڙهڻ وارو هوندو." (اَفْضَلُ الصَّلَوَات لِلنَّبہانی ،ص25)




## ڪڏهن بہ عذاب ناهيان ڏيندو

اِنَّ اللّٰہَ تَعَالٰی لَیَنْظُرُ اِلٰی مَنْ یُّصَلِّیْ عَلَیَّ وَمَنْ نَظَرَ اللّٰہُ تَعَالٰی اِلَیْہِ لَا یُعَذِّبُہٗ اَبَدًا

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم:”جيڪو شخص مون تي درود شريف پڙهندو آهي الله پاڪ ان تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائي ان کي ڪڏهن بہ عذاب ناهي ڏيندو.“ (اَفْضَلُ الصَّلَوَات لِلنَّبہانی ، ص 40)




## درود شريف مغفرت جو سبب آهي

اِنَّ مَنْ قَالَهَا وَكَانَ قَائِمًا غُفِرَ لَهٗ قَبْلَ اَنْ يَّقْعُدَ وَاِنْ كَانَ قَاعِدًا غُفِرَ لَهٗ قَبْلَ اَنْ يَّقُوْمَ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ﮩ هي درود شريف پڙهيو "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ" جيڪڏهن اهو بيٺل هو ته ويهڻ کان اڳ ۽ جيڪڏهن ويٺل هو ته اٿڻ کان اڳ ان جي مغفرت ڪئي ويندي.**

(سعادۃالدارين ، ص244)

# درود پاڪ دُعا آهي

ارشادِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: بيشڪ جي لاءِ دُرود سَروَرِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا آهي ۽ جنهن قدر ان جا فائدا ۽ برڪتون درود شريف پڙهڻ واري تي عائد ٿين ٿيون هرگز پنهنجي لاءِ دعا ۾ ناهن بلڪ انهن جي لاءِ دعا تمام اُمّت مرحومہ جي لاءِ دُعا آهي جو سيئي انهن جي دامن دولت سان وابستہ آهن.

(فضائلِ دعا، ص ٢٣٠)

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net